اِمامُ اِلاَنبيَاء صَليّ اللهُ عَلَيهِ وَآله وَسلمُ

پروفيسر محمد اسحاق ابڙو

انسان ذات جي سڌاري ۽ سنئين واٽ وٺي هلڻ جي هدايت لاءِ الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان جيڪي به نبي ۽ رسول هن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا، انهن مان هر هڪ پنهنجي منصب نبوت جي لحاظ کان ڪنهن خاص وصف سان متصف هو. حضرت نوح عليہ السلام پنهنجي ساڍا نو سو سال زندگي توحيد جي تبليغ ۾ شرڪ و ڪفر جي بيخ ڪني ڪندي گذاري، حضرت ابراهيم رب سائينءَ جي خليل هئڻ سان گڏ، انسان جي بنايل هٿرادو خدائن يعني بتن جي پوڄا جي خلاف جهاد ڪيو ۽ ڪعبة الله جي تعمير ڪري، انسانيت کي مرڪزيت بخشي.

حضرت موسيٰ عليہ السلام جبر ۽ استبداد جي نظام کي ختم ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ڪنيو ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي

تائيد ۽ مدد سان، فرعونيت جي سپني هٿڪندن جون جڙون اکوڙي پنهن جي امت کي ظلم کان نجات ڏياري. حضرت عيسيٰ مسيح عليہ السلام، الله تبارڪ تعاليٰ جي طرفان مليل مسيحيت سان گڏ توحيد، سچ، نياز ۽ نوڙت، صبر و تحمل ۽ حلم خواه بردباري جو نمونو ٿي سندس امت جي اڳواڻي ۽ رهبري ڪئي.

حضرت سليمان عليہ السلام پنهنجي سياڻپ جو سڪو ڄمائي انسان ذات کي ڏاهپ جو نمونو ٿي ڏيکاريو ۽ گڏو گڏ دنيوي بادشاهي ڪندي، ڪائنات جي اڪثر مخلوق مٿان حڪم هلائي، دنيا ۾ مثالي بادشاهت جو نمونو پيش ڪيو. حضرت دائود جي زندگي انساني بهتري ۽ بهبوديءَ لاءِ حق ۽ توحيد جي تبليغ سان گڏ رب جي تعريف جا سريلا نغما آلاپيندي گذري. حضرت ايوب عليہ السلام رب جي رضا تي راضي رهي صبر ۽ شڪر جو مجسمو ٿي ڏيکاريو ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان مٿن جيڪي به آزمائشون آيون، انهن ۾ ثابت قدمي ۽ ايثار جو نمونو پيش ڪيو. ساڳئي وقت پنهنجي قوم جي اڳيان رب سائينءَ جي معرفت جي تبليغ پڻ ڪئي.

حضرت يعقوب عليہ السلام جي زندگي اميد ۽ توڪل جو سچو نمونو هئي ته حضرت يوسف عليہ السلام پنهنجي حسن و جمال سان گڏ اخلاق جي بلندي، دانائي ۽ خدا جي خوف ۾ رهي هر لغزش کان بچي انسان ذات لاءِ سچ ۽ سياڻپ خواهه خدا جي معرفت جو نمونو پيش ڪيو.

هن حقيقت جي قرآن حڪيم ۾ نهايت چٽائيءَ سان وضاحت ڪيل آهي ته "لانفرق بين احد من رسلہ". انهيءَ مشاهدي سان گڏ هي به بيان ٿيل آهي ته "تلڪ الرسل فضلنا بعضهم عليٰ بعض." جنهن جو مفهوم آهي ته رسولن جي وچم ڪو به فرق نه آهي، پر فضيلت ۽ مراتب جي لحاظ کان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ۽ مٿاهين حاصل آهي.

هر هڪ دور ۾ سڀني پيغمبرن پنهنجو پنهنجو منصبي فرض نهايت احسن طريقي سان پوريءَ طرح ادا ڪيو. هنن مان هر هڪ پنهنجي وقت ۾ انسانيت جي انهن پهلوئن کي اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ ڪم ڪيو، جنهن لاءِ سندن بعثت وجود ۾ آيل هئي. جڏهن انسانيت ترقي ڪندي پنهن جي ڦوهه جوانيءَ کي پهتي، تڏهن رب سائينءَ اهڙي رسول جي بعثت جا اسباب پيدا ڪيا، جنهن جي ذات

جامع صفات هجي ۽ جنهن جي تعليم ۽ سنت ۾ انهن سڀني نبين ۽ رسولن جي تعليم، فضيلتن ۽ عمل جو نچوڙ ۽ روح اچي وڃي جيڪي ابتدا کان ان وقت تائين مبعوث ٿي چڪا هئا. نيٺ الله تعاليٰ جي قدرت ڪامله ۽ منشا مبارڪ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي بعثت مبارڪ جي صورت ۾ هن دنيا ۾ جلوه افروز ٿي.دنيا جي سموري مخلوق تي الله تبارڪ و تعاليٰ جو اهو عظيم احسان آهي. وما ارسلناڪ اِلا رحمة للعالمين.

محدث خطيب بغدادي جي هڪ روايت پيش ڪندي سيد سليمان ندوي"خطبات مدراس" جي پنجين خطبي ۾ لکي ٿو ته"سندن ولادت وقت آواز آيو ته سندن ذات پاڪ ۾ آدم عليه السلام جو خلق، شيث عليه السلام جي معرفت، نوح عليه السلام جي شجاعت، ابراهيم عليه السلام جي دوستي، اسماعيل عليه السلام جي زبان، اسحاق عليه السلام جي رضا، صالح عليه السلام جي وضاحت، لوط عليه السلام جي حڪمت، موسيٰ عليه السلام جي سختي، ايوب عليه السلام جو صبر، يونس عليه السلام جي طاعت، يوشع عليه السلام جو جهاد، دائود عليه السلام

جو آواز، دانيال عليه السلام جي محنت، الياس عليه السلام جو وقار، عيسيٰ عليه السلام جو زهد ۽ يحيٰ عليه السلام جي پاڪدامني واريون سموريون وصفون ۽ صفتون جمع ڪيون وڃن."

حسن يوسف، دم عيسيٰ يد بيضا داري آنچه خوبان همه دارند تو تنها داري

علامه شبلي نعماني لکي ٿو ته حضور پر نورﷺ جن جي ولادت با سعادت کان اڳي الله تبارڪ و تعاليٰ جي پيغمبرن جي معرفت موڪليل دين جو حقيقي روح زماني جي تبديلين ۽ اٿل پٿل سبب ماڻهن بلڪل مٽائي ڇڏيو. الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل دين جو روح بلڪل گم ٿي چڪو هو، ان ڪري انهيءَ روح کي وري اجاگر ڪرڻ ۽ ظاهر ڪرڻ لاءِ ۽ انهيءَ سڪي ويل گل کي وري تازي ڪرڻ ۽ منجهس خوشبوءِ پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ انسان جي ستل بخت کي سجاڳ ڪرڻ خاطر رب سائينءَ پنهنجي خاص بندي ۽ پياري رسول حضرت محمدﷺ جن کي نبوت جو تاج پهرائي هن دنيا ۾ موڪليو. سندن جمڻ واري ڏينهن، دنيا جي ان وقت اجڙيل باغ ۾ روح

پرور بهار آندو. هي اهو ڏينهن هو، جنهن جو هن ذرتيءَ کي لکين سالن کان شديد انتظار هو. ستارا هزارين ورهين کان هن ڏينهن جي نور کي ڏسڻ لاءِ اکيون ڦاڙي انتظار ڪندا رهيا. آسمان به انهيءَ ڏينهن ۽ ساعت جي ڏسڻ جو منتظر هو ۽ رات ڏينهن جي گردش ۾ پاسا پلٽائي رهيو هو. اهڙيءَ طرح ڪائنات جي ذره ذره کي هن ڏينهن ڏسڻ جيَسڌ هئي ۽ هر شيءِ سڪ ۾ سرشار ۽ بيقرار هئي.

حضور ﷺ جن جي هن دنيا ۾ تشريف آوريءَ جو ڏينهن، اهو ڏينهن هو جڏهن ايوان ڪسريٰ جا ڪنگرا ڪري وجي پٽ تي پيا، فارس جو آتشڪده جيڪو هزارين ورهين کان دکندو ٿي رهيو ۽ ڪڏهن به ڪو نه اجهاڻو هو سو به وسامي رک ۾ تبديل ٿي ويو، ساوه جي ڍنڍ(طبريه جي ڍنڍ) جنهن لاءِ عقيدو هو ته ڪڏهن به خشڪ نه ٿيندي، اها به سڪي رج ٿي ويئي. اها ساڳي حالت عجم جي شان ۽ شوڪت، روم جي رعب ۽ دٻدٻي توڙي چين جي اوج ۽ عروج سان ٿي. رڳو زردشتين جا آتشڪده ٺڏا ڪو نه ٿيا بلڪه جتي به ڪفر ۽ شرڪ، گمراهيءَ ۽ شر جو واسو هو، اتي جي حالتن ۾ ڦيري اچڻ

جا آثار نمودار ٿي ويا. بت خانن جا در و ديوار بي رونق ٿي ويا ۽ عيسائيت خواه يهوديت جي ايوانن جي حالت اهڙي ٿي، جهڙي باغن ۽ باغيچن جي خزان جي موسم ۾ ٿيندي آهي.

هي اهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن سيد المرسلين، شفيع المذنبين، رحمت للعالمين، صاحب معراج، مالڪ مقام محمود، نور مجسم، محسن اعظم، ساقيءَ ڪوثر، شافع محشر، رحمت عالم، سيد العرب والعجم، امام الانبياءَ، سردار دوجهان، مديني جو مير، هيڻن جو همراه، يتيمن جو يار، اڙين جو آذار، مسڪينن جو مددگار، بي واهن جو پرجهلو، بي وسيلن جو وسيلو، منڙو مرسل، مرسلن جو مهندار حضرت نبي ڪريم محمد مصطفيٰ احمد المجتبيٰ صلي الله عليہ وآلہ واصحابہ وبارڪ وسلم(فداه امي وابي) عالم قدس مان عالم امڪان ۾ تشريف فرما ٿيا. سندن حليو مبارڪ اهڙو هو جنهن لاءِ حضرت سليمان عليہ السلام فرمايو هو"خلو محمديم زه دودي، زه رعي". يعني: هو سراپا قابل تعريف آهي ۽ هي منهنجو محبوب آهي، منهنجي جان آهي.

قرآن حڪيم ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمائي ٿو:"لقد جاء كم رسول من انفسكم عزيز عليہ ما عنتم حريص عليكم بالمؤمنين رؤف الرحيم". يعني بيشڪ اوهان وٽ اوهان مان ئي رسول اچي ويو آهي، جنهن کي پنهنجي امت جي تڪليفن جو گهڻو اونو آهي ۽ سندن ڀلائي لاءِ گهڻو خواهشمند آهي ۽ مومنن لاءِ ٻاجهارو ۽ رحم دل آهي.

هن آيت ۾ الله تعاليٰ پنهنجي حبيب پاڪ شهنشاهِ ڪونين ﷺ جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو ته امت جي تڪليف کين ڏکي لڳي ٿي ۽ رات ڏينهن کين اهوئي اونو آهي ته سندن امت سنئين واٽ وٺي هلي. تاريخ شاهد آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ امت جي هدايت ۽ ڀلائي لاءِ سخت تڪليفون سٺيون. آخر کين وطن ڇڏي هجرت ڪرڻي پئي پر ڪڏهن به ڪنهن کي پٽ پاراتو نه ڏنائون، بلڪه انهن جي هدايت لاءِ دعا فرمايائون. اَحد جي لڙائي ۾ به جڏهن پاڻ سڳورا ڪافرن جي هٿان زخمي ٿي پيا ته ان وقت به سندن زبان مبارڪ تي هي لفظ هئا: اللهم اغفر لقومي فانهم لايعلمون". يعني اي الله منهنجي قوم کي معاف فرماءِ، ڇاڪاڻ ته هو ڪو نه ٿا ڄاڻن.

طائف جي سفر دوران جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني ته انهن ظالمن حضور جن کي ايترا ته پٿر هنيا جو سندن سڄو جسم مبارڪ رت ٿي ويو. پاڻ ڪريم ﷺ فرمائين ٿا:"کان اشد مالقيت منهم يوم العقبہ" يعني سڀ کان سخت تڪليف انهن(ڪافرن) کان مون کي طائف جي وادي ۾ پهتي. جڏهن پاڻ قرن الثعاب جي موڙ وٽ پهتا ته ڪمزوري ۽ ٿڪاوٽ جي ڪري ويهي رهيا. اتي پاڻ سڳورن وٽ جبلن جو فرشتو آيو جنهن کين سلام ڪري عرض ڪيو ته:"يا محمد ذالک لک" يعني اي محمدﷺ اوهان کي پورو اختيار آهي. وڏيڪ اجازت طلب ڪيائين ته ڇا هن طائف شهر جي انهن پٿر هٽندڙن مٿان اهي ٻئي جبل، جنهن ۾ طائف گهيريل آهي، اونڌا ڪريون- "ملاء اعليٰ ۾ جنبش پيدا ٿئي ٿي ۽ سلسلئه ملڪوت جي ارتقائي نقاط جي آخري ڪڙي يعني جبريل امين کي ڏيکاريو ويو جيڪو پڪاري رهيو هو"قد بعث اليک ملک الجبال" يعني الله اوهان کي جبل جو فرشتو موڪلي ڏنو آهي، جنهن کي "هواني علي الناس" جي لفظن سان روڪيو ويو، ان کي سڀ ڪجھ ڏنو پيو وڃي. مناظر احسن گيلاني لکي ٿو ته "کين پورو

پورو اختيار هو، جيڪي چاهين سو ڪري سگهيا ٿي، ليڪن ان ئي تاريخ جنهن نوح جي طوفان ، عاد جي آنڌي، ثمود جي رڙ، شعيب جي زلزلي ۽ موسيٰ جي درياءَ کي محفوظ رکيو آهي، ان ۾ رڪارڊ ڪيو ويو ته پهاڙ جي فرشتي کي فرمايو پيو وڃي: مان مايوس ڪو نه آهيان. انهن جي پٺي مان اهڙا نسل نڪرندا جيڪي الله جي عبادت ڪندا ۽ رب سان ڪنهن کي به شريڪ ڪو نه ڪندا. انهن لفظن جبل کي به پاڻي ڪري ڇڏيو. ان هڪڙي آواز باه کي باغ بنائي ڇڏيو، جي مري رهيا سي بچي ويا، جيڪي ختم ٿي ويا سي وري شروع ٿي ويا".

دنيا ۾ ڪيترائي نبي آيا، ڪيترائي بادشاه آيا، پر اهو ڪير آهي جنهن جي زندگيءَ جا ڪارناما اهڙيءَ ريت ڪتابن ۾ محفوظ ٿي وڃن، جو هڪ طرف ته صحت جو اهڙو انتظام جو ڪنهن صحيفئه آسماني کي به نه مليو ته ٻئي طرف وحي ۽ تفصيل جي لحاظ کان سندن هڪ هڪ ادا معلوم ۽ محفوظ آهي ته جيئن سندن زندگي اسان اُمتي پنهنجي لاءِ هڪ مثالي نمونو وٺي اختيار ڪريون. جهڙيءَ طرح قرآن حڪيم ۾ آيو آهي: لقد كان لكم في رسول الله اُسوة حسنة" يعني(سچ پچ اوهان جي لاءِ خدا

جو رسول سنئو نمونو آهي.) گويا سيرت محمدي دنيا جو آئينو آهي، جنهن کي ڏسي هر شخص پنهنجي جسم ۽ روح، ظاهر ۽ باطن، قول و فعل، زبان ۽ دل، آداب ۽ رسوم توڙي طور و طريق سڌاري سگهي ٿو.

---

(1) ڪن عالمن ولادت جي تاريخ 9- ربيع الاول ٻڌائي آهي.

صفحو 7

مولانا سيد سليمان ندوي پنهنجي ڪتاب"خطبات مدراس" جي چوٿين خطبي ۾ لکي ٿو ته"ڪا به شخصيت خواه ڪيتري قدر تاريخي هجي، جيستائين اها ڪامل نه هوندي، اسان جي لاءِ مثالي نمونو ٿي نه سگهندي. ڪنهن به شخصيت جو ڪامل ۽ هر نقص کان پاڪ ايستائين ثابت ٿي نه سگهندو، جيستائين ان جي زندگي جا سمورا واقعا سامهون نه هوندا. پيغمبر اسلام صلی الله عليه وسلم جي زندگي جو هر لمحو ڄمڻ کان وٺي وفات تائين ان وقت جي ماڻهن جي سامهون ۽ وفات بعد دنيا جي تاريخ اڳيان آهي. ڄمڻ، ٿڃ پيڻ، ٻاراڻي عمر، هوش و تميز، جواني، واپار، شادي، امين ٿيڻ، خانهءِ ڪعبه ۾ پٿر رکڻ، اڪيلائي

اختيار ڪرڻ، غار حرا ۾ گوشه نشيني، وحي جو اچڻ، دعوت تبليغ، مخالفت، معراج، هجرت، لڙايون، صلح حديبيه، اسلام جي اشاعت، دين جي تڪميل، آخري حج، وفات، انهن مان ڪهڙو زمانو آهي جيڪو دنياجي سامهون نه هجي ۽ سندن ڪهڙي حالت آهي جنهن کان تاريخ واقف نه آهي." فاضل مصنف اڳتي لکي ٿو ته "سندن نجي زندگي جي هڪ هڪ ادا معلوم ۽ محفوظ آهي. اٿڻ ويهڻ، سمهڻ جاڳڻ، شادي برات، ٻار ٻچا، دوست سڄڻ، نماز روزا، عبادت رياضت، صلح و جنگ، سفر حضر، کائڻ پيئڻ، وهنجڻ ڌوئڻ، ڍڪڻ اوڍڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ملڻ جلڻ، خوش طبعي، خلوت جلوت، طور و طريق، خط و خال، قد و قامت هر ڳالهه پوري روشني ۾ مذڪور، معلوم ۽ محفوظ آهي".

پاڻ سڳورا اڪلائي ۾ هجن يا ماڻهن ۾ مسجد ۾ هجن يا ميدان ۾، هر وقت هر شخص کي اهو حڪم فرمائيندا هئا ته سندن جيڪا به ڪيفيت يا حالت هجي اها منظر عام تي آندي وڃي. نجي گهرو زندگي جي اشاعت لاءِ ازواج مطهرات کي تاڪيد فرمايو ويو ته جيئن امت سندن نقش قدم تي هلي، زالن، اولاد ۽ عزيزن جا حق ادا ڪن. ان

مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندن زندگي جو ڪهڙو پهلو هوندو جيڪو پوشيده رهيو هوندو اڄ به سندن مخالف پوري چندبَ چاڻ ڪان پوءِ پاڻ سڳورن خلاف آڱر به کڻي نه سگهيا آهن. پوءِ اهڙيءَ زندگيءَ کي پاڪ معصوم نه چئجي ته ٻيو ڇا. سندن اخلاق مبارڪ سندن ڪامليت جو روشن دليل آهي، سندن سيرت اسلامي دنيا جو عالمگير آئينو آهي، جنهن کي سامهون رکي هر ڪو شخص پنهنجي جسم ۽ روح، ظاهر ۽ باطن، قول ۽ فعل جي درستي ڪري سگهي ٿو.

پاڻ سڳوراﷺ اخلاق ۽ عمل جي اها تعليم ڏيندا هئا، جنهن تي پاڻ عمل ڪندا هئا. حضرت عائشه رضه فرمائي ٿي:"ان خلق رسول الله ﷺ ڪان القرآن". يعني سندن اخلاق سراپا قرآن هو، ۽ قرآن حڪيم ان ڏس ۾ شاهدي ٿو ڏئي:"وانڪ لعليٰ خلق عظيم" خود پاڻ ڪريمن فرمايو ته:"بعثت لا تمم مڪارم الاخلاق"(موطا امام مالڪ) يعني آءُ بهترين اخلاق جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهيان.

سندن اخلاق مبارڪ جو دائرو صرف رحم و ڪرم تائين محدود ڪو نه هو پر پوري معاشرتي زندگيءَ تي ڇانيل

هو. اُم المومنين حضرت خديجه رضه فرمائي ٿي ته پاڻ رحمدل هئا، قرضدارن جو بار ڪٽندا هئا، غريبن جي مدد ڪندا هئا. حق جي حمايت ڪندا هئا، مهمانن جي ضيافت ڪندا هئا مصيبت ۾ ماڻهن جي ڪم ايندا هئا. اُم المومنين حضرت عائشه صديقه رضه فرمائي ٿي ته"پاڻ ڪريمن ﷺ ڪنهن کي گهٽ وڌ ڪو نه ڳالهايو، برائي جو بدلو برائي سان ڪو نه ڏيندا هئا، پر معاف ڪري ڇڏيندا هئا. ڪڏهن به ڪنهن کان بدلو ڪو نه ورتائون. پاڻ ڪڏهن ڪنهن غلام نوڪر يا نوڪرياڻي تي هٿ ڪو نه کنيائون. گهر ۾ گهڙندا هئا ته سدا مسڪرائيندا هئا. دوستن ۾ ڪڏهن به ٽنگون بگهيري ڪو نه وهندا هئا ۽ هميشه آهسته ۽ جهلي جهلي ڳالهائيندا هئا".

حضرت علي ڪرم الله وجہ فرمائين ٿا ته پاڻ سڳورا خنده جبين، نرم خو ۽ مهربان طبع هوندا هئا. ڪڏهن به زبان مبارڪ مان ڪو خراب لفظ ڪو نه ڪڍيائون. ڪنهن جي عيب جوئي نه ڪيائون ۽ ڪنهن سان به سخت مزاجي سان پيش ڪو نه آيا. ٻين جي واتان پنهنجي ساراهه ٻڌڻ پسند ڪو نه فرمائيندا هئا". پاڻ نهايت فياض، نهايت سچار، نهايت نرم طبع ۽ نهايت خوش اخلاق هئا.

پاڻ سڳورا ٻاجھ ۽ رحمت جا ڪڪر هئا. سندن رحمت ۽ شفقت جي خزاني ۾ دوست ۽ دشمن، ڪافر ۽ مسلمان، ٻڍا ۽ ٻار، عورتون ۽ مرد، آقا ۽ غلام، فقير ۽ امير، انسان ۽ حيوان سڀ برابر جا حصيدار هئا. دشمنن کي به معاف ڪرڻ سندن حسن اخلاق هو. مناظراحسن گيلاني لکي ٿو ته" 8 هجري ۾ مڪو فتح ٿيو، اهو مڪو جنهن پاڻ سڳورن ۽ سندن صحابه ڪرام کان سڀ ڪجھ ڦريو. پاڻي ڦريو، کاڌو ڦريو، گھر ڦريو، در ڦريو، نيٺ باھ مان چمڪندڙ تلوارن مان، چڪيل ڪمانن مان بچي هجرت ڪري ويل ساڳيا مسلمان وري چمڪندڙ تلوارن سان، چڪيل ڪمانن سان، اُڀن نيزن سان، ڦڙڪندڙ جهنڊن سان فاتحانه انداز ۾ مڪي ۾ داخل ٿين ٿا، پر وٺن ڪجھ نٿا، ڏين ٿا، تڪبر سان نه بلڪ سر جهڪائي نوڙت سان داخل ٿين ٿا، بدلو وٺڻ لاءِ نه بلڪ معاف ڪرڻ لاءِ".

خانهءڪعبه ۾ چو طرف ماڻهن جا انبوھ نظر اچي رهيا آهن. پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم ماڻهن جي ميڙ کي ڏٺو جيڪي ڪعبي جي اڱڻ تي ويٺا هئا. انهن ۾ قريشين جا اهي ظالم به ويٺا هئا، جيڪي اسلام کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳتي هئا. انهن ماڻهن ۾ اهي به هئا جن جون زبانون شان

رسول ۾ گستاخانه لفظ ڪيڏيون هيون، اهي به هئا جن تلوارن ۽ ڀالن سان پيڪر قدسيﷺ سان گستاخيون ڪيون، اهي به هئا جيڪي سرڪار دو عالمﷺ جي شان ۾ گستاخانه شعر جوڙي زور زور سان بازار ۾ پڙهندا هئا. اهي به هئا جن خدا جي هن نور کي ڦوڪن سان اجهائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، جن لاءِ قرآن حڪيم فرمائي ٿو: يريدون ليطفئوا نورالله..... کره الڪافرون.(يعني اهي چاهين ٿا ته الله جي نور کي ڦوڪن سان اجهائين پر الله تعاليٰ پنهنجي نور کي پوري طرح روشن ڪري ٿو ۽ پوءِ ڀلي انهن ڪافرن کي ڪيترو به برو لڳي.) انهن مان انهن ۾ اهي به هئا جن محبوبن ڪريمن ﷺ جي رستي تي ڪنڊا وڇايا، اهي به هئا جن سرڪار مدينه کي خانئه ڪعبه ۾ نماز پڙهندي ڳچي ۾ چادر وجهي گهوگها ڏنا، اهي به هئا جن محبوب ڪبريا جي مٿان بيت الله ۾ سجدي ڪرڻ وقت اوجهري وجهي ٺهڪ ڏنا ۽ تاڙيون وڄايون، اهي به هئا جن يتيم عبدالله کي وعظ ڪرڻ مهل پنين ۾ پٿر هڻي رتو ڇاڻ ڪيو، اهي به هئا جن جي اڄ خون نبوت کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ مان لهڻ واري ڪونه هئي، اهي به هئا جن دارالندوه ۾ گڏ

ٿي صاحب التاج و البراقﷺ کي شهيد ڪرڻ جي سازش سٽي هئي، اهي به هئا جن سرور ڪشور رسالت کي وطن کان بي وطن ڪيو، اهي به هئا جن قاب قوسين جي تاجدار سان بدر ۽ احد ۾ لڙايون ڪيون، اهي به هئا جن شمع نبوت کي اجهائڻ جون اجايون ڪوششون ڪيون، اهي به هئا جن مسلمانن سان ڏيتي ليتي بند ڪئي، اهي به هئا جن جگر گوشئه آمنه ﷺ ۽ سندن عزيزن سان قطع تعلق ڪري شعب ابو طالب ۾ محصور ٿيڻ تي مجبور ڪيو، اهي به هئا جن جي حملن جو سيلاب مدينه جي ديوارن سان اچي ٽڪرايو هو، اهي به هئا جن صحابن سڳورن کي حق جو ڪلمو پڙهڻ تان تتل واريءَ تي پٺن اگهاڙو ليٽائي گهليو هو، اهي به هئا جن شاه حرم جي دوستن کي باهه جا ڏنپ ڏنا، اهي به هئا جن بلال حبشي جهڙن مانجهي مردن جي سيني تي ڳرا باهه جهڙا گرم پٿر رکي عذاب ڏنا.

رحمت للعالمينﷺ انهن کي ڏنو ۽ ڪانئن پڇيو"اوهان کي خبر آهي ته مان اوهان سان ڪهڙو معاملو ڪرڻ وارو آهيان؟" اهي ڪافر جيتوڻيڪ ظالم هئا، شقي هئا، بي رحم هئا، ليڪن مردم شناس هئا ۽ چيائون"اخ ڪريم

وابن اخ ڪريم"(تون شريف پاءُ آهين ۽ شريف پائيٽيو آهين). رحمت جي درياءَ ۾ جوش آيو ۽ رئوف رحيم فرمايو."لاتثريب عليڪم اليوم اذهبوا فانتم الطلقاء" اڄ اوهان تي ڪو به الزام ڪونهي، وڃو اڄ اوهين سڀ آزاد آهيو). ڪيترا دشمن ته موت جي ڊپ ڪان ڀڄي ويا هئا. وحشي جيڪو حضرت حمزه رضه جو قاتل هو طائف ڀڄي ويو، عڪرمہ بن ابوجهل يمن ڏانهن ڀڄي ويو. صفوان بن اميته اسلام جو وڏو ويري جنهن حضور جن کي شهيد ڪرائڻ لاءِ عمير بن وهب کي انعام جي لالچ ڏني هئي سو جده ڀڄي ويو، پر پاڻ ڪريمن ﷺ سڀني کي معافي ڏني ۽ پوءِ اهي سڀ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا.

الله تبارڪ و تعاليٰ پاڻ سڳورن کي سمورن جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي، جنهن جي شاهدي قرآن حڪيم ڏئي ٿو:"وما ارسلنک الا رحمة للعالمين." اها سندن رحمت ۽ شفقت هئي جو سندن حڪومت نه صرف جسمن تي هئي، بلڪه انسان ذات جا قلب ۽ ذهن، ارواح ۽ نفوس به سندن محبت سان ٿمٿار هئا. پاڻ دين ۽ دنيا جا شهنشاهه هئا مگر سندن انڪساري ۽ نوڙت جي اها حالت هئي جو جڏهن پاڻ پنهنجي خادمن جي وچ ۾ هوندا هئا ته

صحابه ڪرام رضه فرمائين ٿا ته حاڪم ۽ محڪوم جو پردو ڪڇي ويندو هو ۽ ڏسندڙ اهو اندازو لڳائي ڪو نه سگهندو هو ته آقا ڪير ۽ غلام ڪير، خادم ڪير ۽ مخدوم ڪير، تابع ڪير ۽ متبوع ڪير.

علامه مناظر احسن گيلاني پنهنجي جڳ مشهور تصنيف"النبي الخاتم صلي الله عليه وسلم" ۾ لکي ٿو ته "فتح مڪہ کان پوءِ پاڻ سڳورا بيشڪ پوري عرب جا شهنشاھ به هئا، پر ڇا مدينه ۾ منبر بدران ڪو تخت وڇايو ويو؟نه- اهو ئي منبر هو، اها ئي مسجد هئي، اها ئي جهوپڙي هئي، اهو ئي چمڙي جو گاديلو، نه حاجب هو نه دربان هو، امير به ايندا هئا ته غريب به ايندا هئا. سڀني سان هڪجهڙو سلوڪ . عجب دربار هئي.

بادشاھ چوندا ته شاهي دربار هئي، چو ته حڪومت هئي، فوج هئي، جهنڊو هو، پوليس هئي، جلاد هو، محتسب هو، گورنر هو، ڪليڪٽر هئا، قاضي يعني جج هئا، نظم و نسق هو، قانون هو،

مولوي چوندا ته مدرسو هو، چو ته درس هو، وعظ هو، قضا هئي، تصنيف هئي، تاليف هئي، محراب هو، منبر هو.

صوفي چون ٿا ته خانقاهه هئي، دعا هئي، ورد هو، وظيفو هو، ذڪر هو، شغل هو، خوف خدا هو، راز هو، نياز هو، وجد هو، حال هو، ڪشف هو، ڪرامت هئي، فقر هو، فاقو هو، زهد هو، قناعت هئي، پڙريون پڙهي ڪاري ڪوهه ۾ وجهبيون هيون ته پاڻي مٺو ٿيندو هو. ٻارن جي مٿي تي هٿ ڦيرايو ويندو هو ۽ جيڪي فرمايو ويندو هو سو پورو ٿيندو هو.

مگر سچ آهي ته اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري جو سپني لاءِ هو، آئينده جنهن کي هلڻو هو، جتان هلڻو هو، جنهن زماني ۾ هلڻو هو، ان ئي روشني ۾ هلڻو هو.

پوءِ جنهن جي روشني ۾ هلڻو آهي ان جي سيرت طيبه کي قرآن حڪيم اسان جي لاءِ بهترين نمونو قرار ڏنو آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:"لقد كان لكم في رسول الله اسوة حسنة" يعني"سچ پچ اوهان جي (هدايت) لاءِ خدا جو رسول سٺو نمونو آهي". گويا سيرت محمدي دنيا جو آئينو آهي جنهن کي ڏسي هر شخص پنهنجي جسم ۽ روح، ظاهر ۽ باطن، قول و فعل، زبان ۽ دل، رسم و رواج ۽ عادات و اطوار سڌاري سگهي ٿو جيئن ته سيرت محمدي عالمگير آئينو آهي، ان ڪري اسان کي پنهنجي ادب ۽

اخلاق لاءِ پنهنجي مذهب کان ٻاهر، پنهنجي رسول جي سيرت کان جدا ڪنهن به شيءِ جي گهرج ڪونهي. قرآن حڪيم ۾ ڪيترين ئي جاين تي حڪم ڪيو ويو آهي ته انسان ڪامل، محسن انسانيت، حضور سرور عالم محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلى الله عليه وسلم (فداه امي و ابي ونفسي) جي مثالي ڪردار ۽ ڪامل تعليم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪئي وڃي. خدا جي محبت جو اهل ۽ هن جي پيار جو مستحق اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو رسول پاڪ صلى الله عليه وسلم جي پيروي ڪندو. جهڙي طرح قرآن حڪيم فرمائي ٿو:" ان ڪنتم تحبون الله فاتبعوني يحببکم الله". وري ٻي جاءِ تي فرمايو ويو آهي ته رسول جي اطاعت ڪيو اميد ته اوهان تي رحم ڪيو ويندو. اطيعوا الرسول لعلکم ترحمون.

جيئن ته حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي سيرت طيبه عالمگير ۽ مثالي نمونو آهي، ان ڪري سندن تعليم به دائمي ۽ عالمگير آهي، جيڪا ڪاري ۽ گوري، عرب ۽ عجم، ترڪ ۽ تاتار، آقا ۽ غلام سڀني لاءِ عام آهي. جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ سڀ دنيا جو پروردگار آهي"الحمدالله رب العالمين" اهڙي طرح رسول به سڀ

دنيا جو رسول رحمة للعالمين سڄي دنيا جي لاءِ رحمت آهي. سندن پيغام به سڄي دنيا جي لاءِ پيغام آهي.
سندن تعليم ته هڪ وسيع مضمون آهي جنهن کي ڪنهن مضمون ۾ پيش ڪرڻ مشڪل آهي پر نموني طور سندن ارشادات گرامي هيٺ ڏجن ٿا، جن مان قدري اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ ڪريمن ﷺ جي ڏنل نظام حيات ۾ ايمان، اخلاق ۽ عمل کي ڪهڙي ريت پيش ڪيو ويو آهي.* ايمان جون ڪيتريون ئي شاخون آهن، ان جي پاڙ اها آهي ته اوهين خدا کانسواءِ ڪنهن کي به معبود نه سمجهو ۽ آخري شاخ اها آهي ته اوهين رستي تي جيڪڏهن ڪنهن اهڙي شيءَ کي ڏسو جيڪا خدا جي بندن کي تڪليف ڏيندي هجي ته ان کي هٽايو ۽ حياء به ايمان جو حصو آهي. * مؤمن اهو آهي جنهن مان ماڻهن جي جان ۽ مال کي خطرو نه هجي. * بهترين ايماني حالت اها آهي جو تنهنجي دوستي ۽ دشمني خدا جي واسطي هجي، تنهنجي زبان تي خدا جو نالو جاري هجي ۽ تون ٻين لاءِ اهو ڪجهه پسند ڪرين جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪرين ٿو.* توهان مان سڀ کان وڌيڪ ڪامل ايمان ان شخص جو آهي جنهن جا اخلاق سڀني کان سٺا

آهن ۽ گهر وارن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ ۾ سڀ کان سرس آهي.* مؤمن ڪڏهن به طعنو ڏيندڙ، لعنت ڪندڙ، زبان دراز ۽ ڳالهائڻ جو خراب نه هوندو آهي.* اهو مومن ڪونهي، خدا جو قسم مومن ڪونهي، جنهن جي بچڙائي کان سندس پاڙيسري امن ۾ نه هجي. جيڪو ماڻهو ڪنهن ظالم کي ظالم ڄاڻي ان جو ساٿ ڏيندو ته اهو اسلام مان خارج ٿيندو. * جنهن ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ نماز پڙهي ان شرڪ ڪيو، جنهن ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ روزو رکيو ان شرڪ ڪيو ۽ جنهن ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ خيرات ڪئي ان شرڪ ڪيو. * اوهين ڇهن ڳالهين جي مون کي ضمانت ڏيو، مان اوهان کي جنت جي ضمانت ڏيان ٿو. ڳالهايو ته سچ ڳالهايو، وعدو ڪيو ته وفا ڪيو، امانت ۾ خيانت نه ڪريو، بدڪاري کان پاسو ڪيو، بدنظري کان بچو ۽ ظلم کان هٿ کي روڪيو.* دوکي باز، بخيل ۽ احسان ڪري بيان ڪندڙ ماڻهو ڪڏهن به جنت ۾ نه وڃي سگهندو.* جنت ۾ اهو گوشت نه وڃي سگهندو جيڪو حرام جي لقمن مان تيار ٿيو هجي. حرام خوري مان پليل جسم جي لاءِ ته باه ئي زياده موزون آهي.* ڪو شخص پلي ڪيترائي دفعا زندگي

حاصل ڪري ۽ جهاد جي راه ۾ جهاد ڪري جان ڏيندو رهي، پر اهو جنت ۾ نه وڃي سگهندو، جيڪڏهن مٿس قرض هجي اهو ادا نه ڪيو هجيس. اهو شخص جنت ۾ داخل ڪو نه ٿيندو جيڪو پنهنجي ماتحت عملي تي خراب نموني حڪم هلائي.* جيڪو واپاري قيمتون چاڙهڻ لاءِ پنهنجو مال روڪي رکي اهو ملعون آهي. جنهن چاليهه ڏينهن اناج کي ان نيت سان روڪيو ته قيمتون چڙهن، ته هن جو خدا سان ۽ خدا جو هن سان ڪو تعلق ڪو نه رهندو. چاليهه ڏينهن اناج روڪڻ بعد جيڪڏهن ڪو ان انجاج کي خيرات ۾ ڏئي ڇڏيندو ته به معاف نه ڪيو ويندو.

دفتر تمام گشت و بيايان رسيد عمر
ماهمچنان در اول وصف تو مانده ايم